
هفتيوار رسالو :360
WEEKLY BOOKLET: 360

# امير اهلِ سنّت ؏
# سيّدن جي تعظيم

(قسط: اول)

SINDHI



- سيد ڇاکي چئبو آهي؟
- ساداتِ ڪرام جي بارگاهه ۾ 25 لک روپين جو نذرانو
- 34 سال پهريان جي وصيت
- ساداتِ ڪرام جي لاءِ اسپيشل پيغام

پيشڪش:
المدينة العلمية (دعوتِ اسلامی)
Islamic Research Center

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **اميرِاهلِ سنّت ۽ سيد سڳورن جي تعظيم**

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1445هه، جولاءِ 2024ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدنی التجا: کنهن کی بہ هی کتاب ڇاپڻ جی اجازت ناهی


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# اميرِاهلِ سنّت ۽ سيد سڳورن جي تعظيم

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

# اميراهل سنت جي وصيت

عاشقِ صحابہ واهلِ بيت، دعوتِ اسلامي جي باني، اميرِ اهل سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ هڪ سيد صاحب جي وفات تي راقم الحروف کي ڪجهه هن ريت واٽس اپ موڪليو جيڪو هن رسالي جي مناسبت سان پيش ڪيو پيو وڃي. امير اهل سنت جي هن پيغام ۾ هر عاشقِ رسول لاءِ وڏو سبق آهي، غور سان پڙهو ۽ هن کي سمجهي پنهنجي لوح دل (يعني دل جي تختي) ۾ محفوظ ڪيو. اميراهل سنت فرمائن ٿا: جيڪڏهن آخرت ۾ بي خوف ٿيڻ چاهيو ٿا تہ سيّد سڳورن کان ڊڄندا ڪيو يعني انهن جي باري ۾ڪا بہ نا مناسب ڳالهہ چوڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کان بچو) ان شآءَ الله آخرت ۾ بي خوف ٿي ويندا. قيامت جي ڏينهن سيدن جي نانا جان رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طرفان " لَاتَحۡزَنۡ يعني غم نہ ڪيو. جو پيغام ملندو بلڪ چيو ويندو: منهنجي آل سان محبت ڪرڻ وارا اچ اچ! منهنجي رحمت واري دامن ۾ لڪي وڃ ۽ جنت ۾ داخل ٿي وڃ! ان شاء الله.

باغِ جنّت میں محمد مسکراتے جائیں گے
پھول رحمت کے جھڑیں گے ہم اُٹھاتے جائیں گے

امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ آلِ رسول جي شان و عظمت ۾ ڪيترائي رسالا، منقبت، بيانَ ۽ ڪيئي شعرَ لکيا آهن. سندن صحبت ۾ رهڻ وارن ۽ سڄي دنيا ۾ سندن مدني مذاڪرا ڏسڻ، ٻڌڻ وارن اڪثر مدني چينل تي ڏٺو ٻڌو هوندو تہ امير اهل سنت

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه خاص ڪري پنهنجي مريدن ۽ معتقدن (يعني محبت ڪرڻ وارن) ۽ عام طور تي سڀني مسلمانن کي سيد سڳورن جي ادب ۽ احترام جي وڏي تاڪيد فرمائيندا آهن، سندن پنهنجو انداز اهو آهي جو ساداتِ ڪرام کي خوبصورت لقبن سان سڏيندا آهن، ساداتِ ڪرام سان عاجزي ۽ انڪساري سان گفتگو ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ تقسيم ڪري رهيا هجن ۽ سيد صاحب بہ موجود هجن تہ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وانگر انهن کي عام ماڻهن جي مقابلي ۾ سيد هجڻ جي ڪري ٻيڻو ڏيندا آهن، بلڪ ڏسندڙن ڏٺو آهي تہ ساداتِ ڪرام کي ڏيڻ جو انداز ايتري قدر نياز منداڻو(يعني عاجزي ڀريو) اختيار ڪندا آهن جو ائين گمان ٿيندو آهي چڻ "ڏئي" نہ رهيا آهن بلڪ سيد صاحب کان ڪجهہ "وٺي" رهيا آهيو.

اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ساداتِ ڪرام جي ادب ۽ تعظيم جي واقعن جي هڪ تمام وڏي فهرست آهي، جيڪا هن مختصر رسالي ۾ بيان ڪرڻ مشڪل آهي. نيت آهي تہ عظيم عاشقِ صحابہ و اهلِ بيت، امام اهلِ سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عرس مبارڪ 25 صفر شريف جي نسبت سان هن رسالي جي ٻي قسط "اميرِ اهلِ سنت جي ساداتِ ڪرام جي تعظيم جا واقعا" ۾ گهٽ ۾ گهٽ 25 واقعا بيان ڪيا وڃن. الله پاڪ خير و اخلاص سان هن جي توفيق ڏئي ۽ اسان کي هميشہ ساداتِ ڪرام جو با ادب ۽ با وفا

رکي، قيامت ۾ انهن جي نانا جان رحمتِ عالمين صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت نصيب ڪري ۽ جنت الفردوس ۾ انهن جو پاڙيسري بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

آلِ اَطہار کے مَیں گیت ہمیشہ گاؤں　　خوش رہے مجھ سے تیری آل مدینے والے

طالبِ دُعا غم مدينہ و بقيع بي حساب مغفرت
ابو محمد طاهر عطاري مدني عُفِیَ عَنْهُ
(8 ذوالحج شريف 1444 هجري، ڇنڇر جي رات)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# اميرِاهلِ سنّت ۽ سيد سڳورن جي تعظيم

**دعاءِ خليفهءِ امير اهل سُنت!** يا الله پاڪ! جيڪو به مڪمل رسالو "اميرِ اهل سنت ۽ سيّدن جي تعظيم" پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي ساداتِ ڪرام جي نانا سائين، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قيامت جي ڏينهن شفاعت نصيب فرمائي ڪري جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نبي ڪريم جي مولي علي کي نصيحت

آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان: يَا عَلِيُّ! اِحْفَظْ عَنِّيْ خَصْلَتَيْنِ اَتَانِيْ بِهِمَا جِبْرِيْلُ عَلَيْهِ السَّلَامُ اَكْثِرِ الصَّلَاةَ عَلَيَّ بِالسَّحَرِ وَالْاِسْتِغْفَارَ بِالْمَغْرِبِ اي علي! مون کان به عادتون ياد رکو جيڪي جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام مون ڏانهن آنديون آهن: (1) صبح سوير مون تي گهڻو درود پڙهو ۽ (2) مغرب جي وقت گهڻو استغفار ڪريو.

(القربة الیٰ رب العلمين لابن بشکوال،ص90)

هر مرض کی دوا دُرود شریف — دافعِ ہر بَلا دُرود شریف
حاجتیں سب رَوا ہُوئیں اُس کی — ہے عَجَب کیمیا دُرود شریف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وقت جي مُجدد جي ڪلهن تي سُواري

ڏولي[1] دروازي تي لڳائي وئي، سوين ديوانا زيارت جي شوق ۾ دروازي تي نظرون ڄمائي بيٺا هئا ته ايتري ۾ وضو ڪري خوبصورت لباس پهري، مٿي تي عمامي شريف جو تاج سينگاري، وڏي عالمانه وقار سان گهر کان ٻاهر آيا، نوراني چهري مان نور جا ڪرڻا نڪري رهيا هئا، عاشقن جي جهرمٽ مان نڪري مشڪل سان سواري تائين پهچڻ جو موقعو مليو، ڏولي تي سوار ٿيا ۽ ڏولي هلي. اجا ڪجهه قدم ئي هليا هئا ته اندر کان آواز آيو: سواري روڪيو. حڪم مطابق ڏولي زمين تي رکي وئي، مَجمعي تي خاموشي ڇائنجي وئي، بيقراري ۽ بيچيني جي عالم ۾ ڏوليءَ مان عاشقِ ماهِ رسالت، امامِ اهلِ سنت، اعليٰ حضرت الشاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻاهر نڪتا ۽ ڏولي ڪنڌڙن سان روئڻ واري صورت ۾ ارشاد فرمايائون: توهان ڪي پنهنجي جدّ اَعليٰ، محمدٌ رَّسولُ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو! سچ ٻڌايو توهانَ مان ڪير آلِ رسول آهي؟ ڇو ته منهنجي ايمان جو ذوق منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشبو محسوس ڪري رهيو آهي، اوچتو اهڙي غير متوقع سوال کي ٻڌي ڪري انهن مان هڪ مزدور سيد زادي، شهزادي نظرون جهڪائي، دبيل لهجي ۾ جواب ڏنو: مزدور کان ڪم ورتو ويندو آهي، ذات ناهي پڇي ويندي، توهان منهنجي نانا جان، رحمتِ

---

1 ڪاٺ جي نهيل ڊگهي شڪل واري، چئن طرفن کان بند، ٻن دروازن واري سواري کي ڏولي چيو ويندو آهي. ان جي اڳيان ۽ پويان ٿلها ڪاٺ جا ڏنڊا لڳل هوندا آهن، جن کي مزدور پنهنجن ڪلهن تي رکي هڪ هنڌان ٻي هنڌ کڻي ويندا آهن.

عالمين صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو واسطو ڏئي مون کان منهنجو راز ظاهر کيو، مان چمنِ مرتضيٰ، گلشنِ فاطمہ جو گل آهيان، کو ٻيو کم نہ ايندو هو، هيءُ کم ڪري پنهنجن ٻار ٻچن جو پيٽ پاليندو آهيان، اجا سيد زادي جي ڳالهہ مکمل ئي نہ ٿي هئي تہ اتي موجود ماڻهن اهو حيرت انگيز منظر ڏٺو تہ عالمِ اسلام جي ايڏي وڏي امام ۽ زماني جي مجدّد پنهنجي مٿي تان عمامي شريف جو تاج لاهي سيد زادي جي قدمن ۾ رکي ڇڏيو آهي، عاشقِ صادق جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، هٿ ٻڌي ڪري وڏي عاجزي ۽ انکساري سان چوڻ لڳا: اي معزز شهزادا! منهنجي گستاخي معاف ڪريو، لاعلمي ۾ خطا ٿي وئي، جن جي قدمن جي جوتي منهنجي مٿي جو تاج آهي مون انهن جي ڪلهن تي سواري ڪري ورتي! جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن توهان جي نانا جان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڇيو: احمد رضا ڇا منهنجي پٽ جا نازڪ ڪلها ان لاءِ هئا جو تنهنجي سواري جو بوجهہ کڻن تہ مان ڇا جواب ڏيندس؟ ان وقت ميدانِ قيامت ۾ منهنجي ڪيتري رُسوائي ٿيندي؟ آخرڪار شهزادي کان ڪيترائي ڀيرا معاف ڪرڻ جو اقرار وٺڻ کان پوءِ عاشقِ صادق عشق ۾ ٻڏي هڪ ٻي التجاءِ شوق پيش ڪئي اها هي تہ ڇو تہ ٻي علمي جي صورت ۾ مون کان هيءَ ڪوتاهي ٿي آهي، هاڻي ان جو ڪفارو تڏهن ادا ٿيندو جڏهن توهان ڏوليءَ ۾ ويهو ۽ مان پنهنجي ڪلهن تي ڏولي کڻان. ماڻهن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا ۽ ڪن جون رڙيون نڪري ويون جڏهن هزار انڪار جي باوجود سيد شهزادي کي ڏوليءَ ۾ ويهڻو ئي پيو ۽ عالمِ اسلام جو پنهنجي

وقت جو سڀ کان وڏو عالم ۽ مفتي بلڪ مجدّد ان سيد شهزادي کي ڏوليءَ ۾ پنهنجي ڪلهن تي کڻي وڃي رهيو هو.
(انوارِ رضا، ص 415۔زلف و زنجير، ص 76 تا 78 ملخصاً )

قدرِ زر، زرگر بِدانَد و قدرِ جوَہَر جوَہَری

سون جي قدر سُونارو ۽ هيري جي قدر جوهري ڄاڻيندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيد صاحب جي فرمائش تي 7 ڏينهن ۾ ڪتاب لکي ڇڏيو

ساداتِ ڪرام جي احترام ۽ تعظيم جو هي هڪ واقعو نہ آهي، بلڪ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ساداتِ ڪرام سان محبت ۽ عقيدت تي مشتمل واقعن تي ڪيترائي صفحا لکي سگهجن ٿا، امامِ اهلِ سنت، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي 3 شوال شريف 1329 هجري تي حضرت سيد محمد احسن صاحب بريلوي (رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه) هڪ خط لکيو تہ مان 10 شوال شريف تي حج تي وڃي رهيو آهيان ۽ ڪيترائي ماڻهو بہ وڃن ٿا، حج جو طريقو ۽ آداب لکي ڇپايو. سيد صاحب جي فرمائش کي پورو ڪندي عاشقِ ماهِ رسالت، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: سيد صاحب جي حڪم سان جلدي مان(صرف ستن ڏينهن ۾) 45 صفحن تي مشتمل علمي دنيا ۾ مشهور ۽ معروف رسالو بنام ''اَنْوَارُ الْبِشَارَةِ فِيْ مَسَائِلِ الْحَجِّ وَالزِّيَارَةِ (1329ھ)'' (حج ۽ زيارت جي مسئلن ۾ خوشي جون بهارون) لکي ڇڏيو. (فتاويٰ رضويه، 725/10 بتغير)

## فيضانِ رضا

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ساداتِ ڪرام جي ادب ۽ احترام واري حسين وصف (يعني خوبي) مان سندن خاندان بلڪ سندن مريدن ۽

خليفن کي بہ خوب حصو مليو آهي. پڙهندڙن جي ذوق ۽ شوق کي وڌيڪ وڌائڻ لاءِ صرف هڪ مريد ۽ خليفه اعليٰ حضرت، شيخُ العربِ والعجم، ميزبانِ مهمانانِ مدينہ، قطبِ مدينہ، مرشدِ اميرِ اهلِ سنت، حضرتِ علامہ مولانا ضياءُ الدين احمد مدني قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ساداتِ ڪرام سان ملاقات ۽ اَدب ۽ تعظيم جو انداز پڙهو:

## سيدي قطبِ مدينہ ۽ تعظيمِ سادات

قطبِ مدينہ، حضرتِ علامہ مولانا ضياءُ الدين احمد مدني قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پوٽيءَ وٽ جڏهن پٽ جي ولادت ٿي تہ انهن جو نالو "وليد" رکيو ويو. جڏهن قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ دعا ۽ برڪت لاءِ انهن کي پيش ڪيو ويو تہ پاڻ هنج ۾ کڻي ڪجهه وقت تائين درود شريف پڙهندا رهيا ۽ پوءِ پنهنجي پڙپوٽي جي پيرن کي چمندي چيو: هي "سيد" آهي ڇاڪاڻ تہ سندن هيءَ پوٽي حضرتِ سيد سامي بر زنجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زوجه محترمہ هيون.

(سيدي ضياء الدين احمد القادري، 532/1 بتغير قليل)

## قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ساداتِ ڪرام سان محبت وارو انداز

قطبِ مدينہ، حضرتِ علامہ مولانا ضياءُ الدين احمد مدني قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ساداتِ ڪرام جو بيحد احترام ڪندا هئا، جڏهن ڪو سيد صاحب ڪائنس ملندو هو تہ بغير ڪنهن جي ٻڌائڻ جي هٿ ملائيندي ئي سيد صاحب جي هٿن کي چمندا هئا. عشق ۽ محبت ڀريو هي منظر ڏسي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ماڻهو سمجهي ويندا هئا تہ هي "سيد صاحب" آهن.

## غزاليِ دوران جو ادب ۽ احترام

غزاليِ زمان، حضرتِ علامہ سيد احمد سعيد ڪاظمي شاھ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي روڪڻ جي باوجود سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن هٿن کي چمندا ۽ سندن تعظيم لاءِ تڪليف جي باوجود) بيهي رهندا هئا. (سيدي ضياء الدين احمد القادري، 531/1) ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو هو تہ غزاليِ دوران ۽ قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما هڪٻئي جي هٿن بلڪ قدمن کي چمڻ ۾ هڪٻئي تي سبقت وٺڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

تيری نسلِ پاک ميں ہے بچّہ بچّہ نور کا      تُو ہے عَينِ نور تيرا سب گھرانا نور کا

(حدائقِ بخشش،ص248)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب      صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مريد ڪامل، پيرِ ڪامل جو عڪس هوندو آهي

دراصل انهن حضرات جا واقعا بيان ڪري اهو ٻڌائڻ مقصود آهي تہ ”جيئن پٽ پيءُ جو راز هوندو آهي" اهڙيءَ طرح مريدِ ڪامل پنهنجي پيرِ ڪامل جو پرتو (يعني عڪس) هوندو آهي، جڏهن پيرو مرشد آلِ رسول جو ايتري قدر ادب ۽ احترام ڪن ٿا تہ مريدِ ڪامل جي اندر پيرو مرشد جي هن وصف جو اثر لازمي طور تي نظر ايندو ۽ ڪامل مريد پنهنجي پيرو مرشد جي طريقي تي هلندي ساداتِ ڪرام جي مرتبي جو خوب خيال رکندو چاڪاڻ تہ هو پنهنجي پيرو مرشد جو خليفو يا وڪيل اهڙيءَ صورت ۾ آهي جڏهن پنهنجي پيرو مرشد جي انداز ۽ افعال، اخلاق ۽ اعتقاد تي هلڻ وارو هجي. اللّٰه پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آلِ پاڪ سان

الفت ۽ مَحبت جو وصف اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي سان امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة ۾ گھڻو آهي. اچو، هاڻي پنهنجي اصل موضوع ڏانهن اچون ٿا ۽ اميرِ اهلِ سنت جي تعظيمِ سادات جي واقعن ۽ اندازن کي پڙهون ٿا پر سيني کان پهريان هي ڄاڻي وٺو ته ساداتِ ڪرام يعني آلِ رسول جو اَدب ۽ احترام ان ڪري ضروري آهي ڇاڪاڻ ته انهن پاڪ حضرات جي نسب جو سلسلو الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان وڃي ملي ٿو ۽ محبت جو اصول آهي ته جڏهن ڪنهن کي ڪنهن سان محبت ٿئي ته ان سان نسبت رکندڙ هر شيءِ سان الفت ٿي وڃي ٿي ۽ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي نسبت محبوب جي بدن سان ٿئي ته پوءِ عاشقِ صادق ان جو وڌو احترام ڪندو آهي. ساداتِ ڪرام سان محبت جو حڪم ته قرآن ۽ حديث ۾ آهي، جيئن ته

## نبي جي اهل بيت سان محبت ۽ انهن جي تعظيم فرض آهي

سيپارو 25 سُورة الشوريٰ آيت نمبر 23 ۾ ارشاد ٿئي ٿو: ترجمو ڪنزالايمان: ”اوهان فرمايو مان اُن تي توهان کان ڪجھ اُجرت نٿو گھران پر قرابت جي محبت.“

خزائن العرفان ۾ آهي: حضور سيد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ سندن اقارب (يعني رشتيدارن) جي محبت دين جي فرائض مان آهي.

(خزائن العرفان، پ25، الشوريٰ، تحت الآية:23، ص894)

اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ساداتِ ڪرام جي تعظيم فرض آهي ۽ انهن جي توهين حرام (آهي).

(فتاويٰ رضويه، 420/22)

## ”حسين“ جي چار حرفن جي نسبت سان ساداتِ ڪرام جي فضيلتن تي چار فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) اَدِّبُوْا اَوْلَادَكُمْ عَلٰى ثَلَاثِ خِصَالٍ : حُبِّ نَبِيِّكُمْ، وَحُبِّ اَهْلِ بَيْتِهٖ، وَقِرَاءَةِ الْقُرْآنِ. يعني پنهنجي اولاد کي ٽي شيون سيکاريو: پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت، اهلِ بيت جي محبت ۽ تلاوتِ قرآن.

(الجامع الصغير، ص25 ، حديث: 311)

## اهلِ بيت سان محبت جو صلو

(2) جيڪو منهنجي اهلِ بيت مان ڪنهن سان چڱو سلوڪ ڪندو، آءُ قيامت جي ڏينهن ان جو بدلو عطا ڪندس.

(تاريخ ابن عساكر، 303/45، حديث: 9884)

حضرتِ علامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هي حديث پاڪ هن ڳالھ تي دلالت ڪري ٿي ته الله پاڪ جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (الله پاڪ جي عطا سان) عنايت فرمائيندڙ (يعني ڏيندڙ) آهن ۽ هي ڳالھ ڪنهن کان لڪيل نہ آهي، تنهنڪري ان شخص کي مبارڪ هجي جنهن جي پريشاني هو دور فرمائن يا ان جي پڪار تي تشريف کڻي اچن ۽ ان جي حاجت ۽ ضرورت پوري فرمائن. (فيض القدير، 223/6، تحت الحديث: 8821)

## شفاعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاصل ڪرڻ لاءِ

(3) جيڪو شخص وسيلو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ هي چاهي ٿو ته منهنجي بارگاھ ۾ ان جي ڪا خدمت هجي جنهن سبب آءُ قيامت

جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪريان، تہ ان کي گھرجي تہ منهنجي اهلِ بيت جي خدمت ڪري ۽ انهن کي خوش ڪري. (الشرف المؤبد، ص54)

## اهلِ بيت اظهار جي محبت ضروري آهي

(4) اسان جي اهلِ بيت جي محبت کي لازم پڪڙيو ڇو تہ جيڪو الله پاڪ سان هن حالت ۾ مليو جو هو اسان سان محبت ڪري ٿو تہ الله پاڪ ان کي منهنجي شفاعت جي سبب جنت ۾ داخل فرمائيندو. ۽ ان جي قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي! ڪنهن بہ ٻانهي کي ان جو عمل ان صورت ۾ ئي فائدو ڏيندو جڏهن تہ هو اسان جو (يعني منهنجو ۽ منهنجي اهلِ بيت جو) حق سڃاڻيندو. (معجم اوسط، 606/1، حديث:2230) عاشقِ صحابہ و اهلِ بيت اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي نعتيہ ڪتاب "وسائلِ بخشش" جي صفحي نمبر 513 تي لکن ٿا:

اَب شَفاعت پئے اہلِ بیت یا شفیعَ الورا کیجئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيد ڇاڪي چئبو آهي؟

منهنجا آقا اعلي حضرت، امام اهلِ سنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "سيد" سِبطَين ڪريمين (يعني حضرت امام حسن و حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُما) جي اولاد کي چئجي ٿو.
(فتاويٰ رضويه، 361/13)

سيّد جي لغوي معنيٰ "سردار" آهي. پاڪ ۽ هند ۾ اصطلاحاً انهن حضرات کي سيّد چيو وڃي ٿو جيڪي حسنين ڪريمين رَضِيَ اللهُ عَنْهُما

جي اولاد آهن. عرب ملڪن ۾ هر معزز شخص کي "سيد" ۽ حسنين ڪريمين رَضِیَ اللہُ عَنْھُما جي اولاد کي "شريف حبيب" چيو وڃي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مون کي امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُ سان بيحد پيار آهي

عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ڪراچي ۾ محرم شريف 1445 هجري تي ٿيندڙ بيان ۾ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِيَہ حاضرين کي مخاطب ڪندي ڪجهه هن طرح ارشاد فرمايو: توهان سڀئي گواهه رهو. مون کي امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُ سان پيار آهي. مون کي امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُ سان ان وقت کان محبت آهي جڏهن آئون ننڍپڻ ۾ سندن نالو مبارڪ بہ صحيح طرح نہ ڪٽي سگهندو هئس، پر ان وقت بہ منهنجي دل ۾ هي خيال هوندو هو تہ هي وڏي شان ۽ عظمت جا مالڪ آهن.

الحمد للہ! اسان سڀني کي امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُ سان پيار آهي ۽ ساڻس نسبت رکندڙ هر شيءِ سان پيار آهي. الحمد للہ! مون کي سيدن سان پيار آهي چو تہ هي اولادِ رسول آهن. ڪربلا ۾ نواسہ رسول امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْهُ تي ٿيندڙ مظالم جو بيان ٻڌي منهنجي بہ دل ٿي چاهي تہ زاروقطار روئان، پر اسان کي صبر جو حڪم آهي ۽ جيڪڏهن بي اختياري ۾ ڳوڙها اچي وڃن تہ هي وڏي سعادت واري ڳالهہ آهي.

**(بيان بنام شانِ شهيدِ ڪربلا، 10 محرم شريف 1445)**

عاشقِ صحابہ و اهلِ بيت اميرِ اهلِ سنت پنهنجي نعتيہ ڪتاب "وسائلِ بخشش" ۾ لکن ٿا:

صَحابہ کا گدا ہوں اور اہلِ بیت کا خادِم　　یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یارسولَ اللہ

(وسائل بخشش،ص337)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مون کي يا سيدي نہ چيووجي

جيئن تہ هاڻي بيان ٿيو تہ "سيد" جي لغوي معنىٰ "سردار" آهي ۽ صدين کان ماڻهو علماء و مشائخ کي "ياسيدي يعني اي منهنجا سردار" چئي مخاطب ڪندا آيا آهن، مختلف عربي ڪتابن ۾ هن کي ڏسي سگهجي ٿو. ڪيئي پيرا مدني مذاڪرن وغيره ۾ عاشقانِ رسول اميرِ اهلِ سنت کي "يا سيدي" چئي مخاطب ڪندا آهن جيڪو شرعاً بلڪل جائز آهي، پر اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ عاجزي جي ڪري پنهنجن محبت ڪندڙن کي فرمائن ٿا تہ مون کي "يا سيدي" نہ چيو وڃي ڇو تہ ان سان ماڻهن کي سيد هجڻ جو شڪ ٿيندو آهي، جڏهن تہ آئون سيد نہ پر "ميمڻ" آهيان.

(مدني مذاڪره، قسط نمبر: 2261)

## اعلي حضرت جي عمل کان روشني وٺندي

سيدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شيريني وغيره شيون ورهائڻ ۾ عام ماڻهن جي ڀيٽ ۾ ساداتِ ڪرام کي آلِ رسول هجڻ جي سبب "ڊبل" عطا فرمائيندا هئا، هن خوبصورت ادا کي ادا ڪندي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ بہ ساداتِ ڪرام کي عيد يا ڪجهہ ٻيو تحفو ڊبل عطا ڪندا آهن، اهو ئي نہ پر پاڻ ساداتِ ڪرام کي وڏي مؤدبانہ

لفظن جهڙوڪ سرڪار، شهزادا، شهزاده عالي وقار، عزت ۽ احترام وارن لفظن وغيره سان پڪاريندا آهن.

## ساداتِ ڪرام جي ادب ۽ احترام جا ڪجھ انداز

هي حقيقت آهي تہ عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ اميرِ اهلِ سنت فنافي الرسول[2] جي عظيم درجي تي پهتل آهن ۽ ٻانهو جنهن سان محبت ڪندو، ان سان نسبت رکندڙ هر شيءِ سان بہ پيار ڪندو آهي. جيڪو پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي در و ديوار، شهر ۽ مزار سان بي پناهہ عقيدت رکندو هجي، اهو پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري الفت و پيار رکندو هوندو. عاشقِ صحابہ و اهلِ بيت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة ساداتِ ڪرام جو وڏو ادب ۽ احترام ڪندا آهن ۽ انهن جي موجودگي ۾ مٿي ويهڻ کي ناگوار محسوس ڪندا آهن. ڪيئي ڀيرا ساداتِ ڪرام کي پاڻ سان گڏ ڪرسي تي مٿي ويهاريندا آهن. سندن عمر عيسوي سن جي اعتبار سان جون 2024 ۾ تقريباً 74 سال ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي

---

[2] **فنا فِي الرَّسول جي تعريف:** حضرتِ امام سراجُ الدين رَفاعي مَخذومي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: فنا في الرَّسول جو مطلب هي آهي تہ انسان ظاهري ۽ باطني طور هميشہ نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شريعت جو لحاظ رکي. هر وقت ۽ هر ڪم ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو طريقو پيشِ نظر رهي. سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي کي پنهنجي سڀني معاملن جو وسيلو، سڀني رازَن جو مرڪز ۽ هر مشڪل کي حل ڪندڙ سمجهي ۽ هي يقين رکي تہ اللّٰه پاڪ جي هر مدد، هر عنايت ۽ هر عطا حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي جي صدقي هر هڪ کي ملي رهي آهي. الغرض صرف پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڳالهيون ٻڌي، سندن ئي جي تصور ۾ گم رهي ۽ سندن ئي جي ذريعي اللّٰه پاڪ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري.
(قلادة الجواهر، ص294 ملخصاً)

ضُعفِ پيري (يعني پوڙهائپ جي ڪمزوري) جي ڪري هيٺ ويهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، نہ تہ جڏهن پهريان ايتري قدر نقاهت(يعني ڪمزوري) واري حالت نہ هئي تہ پاڻ بہ هيٺ ويهندا هئا، ڪڏهن ائين بہ فرمائن ٿا: ماڻهو مون کي مسند تي ويهاري ڇڏيندا آهن، حالانڪ معزز ساداتِ ڪرام هيٺ وينا آهن، مون کي سنو نٿو لڳي تہ ساداتِ ڪرام هيٺ وينل هجن ۽ مان انهن جو غلام ٿي مٿي ويهان، عاشقِ صحابہ و اهلِ بيت اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة پنهنجي نعتيہ ڪتاب "وسائلِ بخشش" ۾ لکن ٿا.

بھیک دے اُلفتِ مصطفٰی کی — سب صَحابہ کی آلِ عَبا کی
غوث وخواجہ کی احمد رضا کی — میرے مولیٰ تو خیرات دیدے
(وسائلِ بخشش،ص128)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب — صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ساداتِ ڪرام اڳيان تشريف ڪٽي اچن

عربي محاورو آهي تہ "اِنَّمَا يَعْرِفُ ذَا الْفَضْلِ ذَوُوْهُ" يعني فضيلت واري کي صرف فضيلت وارا ئي سڃاڻن ٿا. ساداتِ ڪرام جي ادب ۽ احترام جي حوالي سان هي عربي محاورو اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي ذات تي صادق نظر اچي ٿو. اميرِ اهلِ سنت آلِ رسول جي وڏي عزت ڪن ٿا، پاڻ فرمائن ٿا: الحمدُللّٰه! ساداتِ ڪرام جي محبت منهنجي گُهٽي ۾ ڏنل آهي. نہ صرف پاڻ، بلڪ ڪيئي پيرا پاڻ بين جي اڳيان بہ ساداتِ ڪرام جي عظيم الشان مرتبي جو پرچار ڪندا آهن، جيئن تہ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جو جن ڏينهن ۾ بين الاقوامي سنتن ڀرپور اجتماع ملتان شريف ۾

ٿيندو هو، ايئن ئي ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ صوبائي اجتماعن ۾ بار بار پاڻ دعا کان اڳ ڪجهه هن طرح اعلان ڪندا هئا ته **”هن اجتماع ۾ جيترا به ساداتِ ڪرام موجود آهن، مهرباني ڪري! اڳيان اچن ته جيئن انهن جي برڪت سان اسان جون دعائون قبول ٿين“**.

## ساداتِ ڪرام جي مبارڪ هٿن سان دعوتِ اسلامي جي پهرين فيضانِ مديـنہ جو سنگِ بنياد

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي رڪن حاجي محمد علي عطاري مُدَّظِلُّہُ العَالی فرمائن ٿا: دعوتِ اسلامي وارن ۾ ساداتِ ڪرام جي ادب ۽ احترام جو انداز اميرِ اهلِ سنت جي تربيت جو حصو آهي، الحمدُ لله! آءُ 1989 ۾ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ آيس. اميرِ اهلِ سنت جو ساداتِ ڪرام جي عزت افزائي جو انداز سيني کان پهريان منهنجي سامهون ڪجهه هن طرح ظاهر ٿيو ته پاڪستان جي مشهور شهر حيدرآباد ۾ 1989 يا 1990 ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني مرڪز لاءِ جاءِ ورتي وئي. ان وقت هي دنيا ۾ سيني کان پهريون دعوتِ اسلامي جو مدني مرڪز بنام "فيضانِ مديـنہ" بڻجي رهيو هو. ان خوشي پريي موقعي تي عظيم الشان اجتماع جو سلسلو رکيو ويو ۽ اعلان ٿيو ته مدني مرڪز جي افتتاح (سنگِ بنياد رکڻ) ۽ باقاعده تعميراتي ڪم جي شروعات لاءِ ڪراچي کان اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مع حاجي مشتاق عطاري رحمة الله عليہ (دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جا مرحوم نگران) اچي رهيا آهن. سنتن ڀريي اجتماع کان پوءِ جڏهن

سنگِ بنياد رکڻ جو وقت آيو تہ ان مقام تي آئون بہ موجود هيس. اسلامي ڀائرن اميرِ اهلِ سنت جي خدمت ۾ پنهنجي هٿن سان افتتاح جو عرض ڪيو تہ پاڻ وڏي عاجزي ۽ انڪسار سان فرمايائون: هي دعوتِ اسلامي جو سيني ڪان پهريون مدني مرڪز آهي، آئون هن قابل نہ آهيان جو ان جو سنگِ بنياد رکان. ذميدارانِ دعوتِ اسلامي وڏو اصرار ڪيو پر پاڻ منع ڪندا رهيا. آخرڪار پاڻ فرمايائون: ٻارهين شريف جي نسبت سان 12 گهٽ عمر سيد زادن جي مبارڪ هٿن سان سنگِ بنياد رکيو وڃي. رات جي ان پهر ۾ جيترا ساداتِ ڪرام ميسر آيا، انهن جي بابرڪت هٿن سان دعوتِ اسلامي جي پهرين مدني مرڪز "فيضانِ مدينہ" جو سنگِ بنياد رکيو ويو.

## عالمي مدني مرڪز جو سنگِ بنياد

دعوتِ اسلامي جي عظيم الشان عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) جي جڏهن افتتاحي تقريب ٿي تہ ان ۾ بہ 12 ساداتِ ڪرام ڪان سنگِ بنياد رکرايو ويو. وڏيڪ اهو تہ فيضانِ مدينہ ۾ داخل ٿيڻ جا ڪجھ دروازا آهن جن مان هڪ دروازي جو نالو "بابِ فاطمہ" رکيو ويو.

## صحابہ ۽ اهلِ بيتِ اطهار عليهمُ الرضوان

صحابہ ۽ اهلِ بيتِ اطهار عليهمُ الرضوان امت لاءِ نجات ۽ سلامتي جو ذريعو آهن، جيئن تہ ناناءِ حسنين اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: مَثَلُ اَهْلِ بَيْتِیْ مَثَلُ سَفِيْنَةِ نُوْحٍ مَّنْ رَّكِبَهَا نَجَا، وَمَنْ تَخَلَّفَ عَنْهَا غَرِقَ يعني منهنجي اهلِ بيت جي مثال نوح جي ٻيڙيءَ وانگر آهي، جيڪو ان

۾ سوار ٿيو نجات ماڻي ويو ۽ جيڪو ان کان پوئتي رهيو برباد ٿي ويو. (مستدرڪ، 81/3، حديث: 3365) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: منهنجا صحابہ منهنجي اُمَّت لاءِ امان آهن، جڏهن هي هن دنيا مان رخصت ٿي ويندا تہ منهنجي اُمت تي اهو وقت ايندو جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو ويو آهي. (مسلم، ص 1051، حديث: 6466) عاشقِ صحابہ ۽ اهلِ بيت اميرِ اهلِ سنت پنهنجي نعتيہ ڪتاب "وسائلِ بخشش" ۾ لکن ٿا...

قلب ميں عشقِ آل رکھا ہے خوب اِس کو سنبھال رکھا ہے
کيوں جہنّم ميں جاؤں سينے ميں عشقِ اَصحاب و آل رکھا ہے
(وسائل بخشش ص443، 444)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيّد صاحب جي طرف پير نہ ڊگهيڙڻ جو واقعو

امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي همراهي ۾ 2019 ۾ ڪجهہ عاشقانِ رسول حج جي مبارڪ سفر تي روانا ٿيا. اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي عمر ان وقت تقريباً 69 سال هئي. 8 ذي الحج شريف تي پاڻ مِنيٰ شريف جي خيمي ۾ هئا، جتي ٿڪاوٽ ۽ نقاهت وغيره جي ڪري ڪين پير ڊگهيڙڻ جي ضرورت پيش آئي، پر سامهون هڪ سيّد صاحب تشريف فرما هئا. پاڻ راقم الحروف کي هڪ پرچي عنايت فرمائي جنهن ۾ سيّد صاحب جي طرف تعظيماً پنهنجا پير نہ ڪرڻ جو بہ ذڪر هو. مطلب تہ **"جيستائين سيّد صاحب ان طرف ويٺل هئا، اميرِ اهلِ سنت انهن جي طرف پنهنجا پير نہ ڊگهيڙيا".**

## ساداتِ ڪرام سان عقيدت جو خوبصورت انداز

سُبْحٰنَ الله! جتي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ساداتِ ڪرام جي طرف پير ڊگهيڙڻ کي خلافِ ادب سمجهندا آهن، اتي جيڪڏهن پاڻ کي دورانِ ملاقات ٻڌايو وڃي ته هي "سيّد صاحب" آهن، ته پاڻ بي اختيار انهن جا هٿ چمي وٺندا آهن. ساداتِ ڪرام جي ننڍڙن پيارن پيارن حقيقي مدني منن، ٻارن سان انتهائي محبت ۽ شفقت جو اظهار ايئن به ٿيو آهي جو انهن جي ننڍڙن پيارن پيارن قدمن کي پنهنجي مٿي تي رکي چڏيندا آهن.

## خاندانِ اميرِ اهلِ سنت ۾ اهلِ بيت جي ياد

اميرِ اهلِ سنت دامت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي مرحومه ننهي ڀينرن جا نالا اهلِ بيتِ اطهار جي مبارڪ نالن تي رکيل آهن. جيئن ته وڏي ڀيڻ جو نالو "خديجه بائي"[3]، ان کان ننڍي ڀيڻ جو نالو "فاطمه بائي" ۽ سڀ کان ننڍي ڀيڻ جو نالو "زهره بائي" آهي.

## بنتِ عطار جو ڏاج

اميرِ اهلِ سنت دامت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي لاڏلي ڌيءَ جي شادي جو جڏهن موقعو آيو، ته اميرِ اهلِ سنت چاهين ها ته سندن چاهيندڙ قيمتي کان قيمتي ڏاج جو ڍير لڳائي ڇڏين ها، پر سچي عاشقِ صحابه ۽ اهلِ بيت اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي قلب ۽ ذهن ۾ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي مڪي مدني محمدِ عربي

---

[3] بائي ميمڻي زبان ۾ تعظيم جو لفظ آهي جيئن مردن جي لاءِ ڀاءُ

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادي، حضرتِ بي بي فاطمہ الزهرا رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو ڏاج سمايل هو. پاڻ پنهنجي اڪلوتي لاڏلي ڌيءَ جي شادي بہ سادگي ۽ عين سنت جي مطابق ڪرڻ جي ڪوشش فرمائي هئي. ڏاج ڏيندي وقت بہ اميرِ اهلِ سنت دامت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه حتّي الامڪان ڪوشش ڪئي تہ ڪتابن مان پڙهي پڙهي ڪري ان ڏاج جو انتظام فرمايو جيڪو ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم والده حسنين، شهزادي ڪونين، سيّده، طيّبه، طاهِره حضرتِ بي بي فاطمة الزهرا رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي عنايت فرمايو هو. هن زماني ۾ وڏ ڪان وڏ ڏاج وٺڻ ۽ ڏيڻ جي جستجو ۾ لڳل ماڻهن لاءِ هن واقعي ۾ بهترين نمونو آهي. ڏاج هي هو:
﴿1﴾ چاندي جو بازو بند ﴿2﴾ چٽائي ﴿3﴾ چڪّي ﴿4﴾ مشڪيزو ﴿5﴾ مٽيءَ جا ٿانوَ ﴿6﴾ چمڙي جو وهاڻو وغيره.

## ساداتِ ڪرام جي بارگاه ۾ 25 لک روپين جو نذرانو

خوشيءَ جو موقعو هجي يا ڏک جي گهڙي، مهانگائي هجي يا رمضانُ المبارڪ ۾ غريبن جي خيرخواهي، پاڻ هر موقعي تي ساداتِ ڪرام سان حُسنِ سلوڪ ۽ خيرخواهي ڪرڻ جو فرمائيندا آهن، بلڪ بار بار مدني مذاڪرن ۾ ڊاڪٽرن کي ساداتِ ڪرام جو مفت علاج ڪرڻ، ميڊيڪل اسٽورن وارن کي مفت دوائون ڏيڻ جي ترغيب ڏيندا رهندا آهن. 1444 هجري ۾ ڪنهن اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي هڪ رڪن جي ذريعي پاڻ سان گڏ هڪ بئي اسلامي ڀاءُ کي حج تي وڃي وڃڻ جو خرچ (تقريباً 25 لک روپيا) ڏيڻ جو پيغام ڏنو. پاڻ ان سال ڪنهن سبب جي ڪري سفرِ حج تي نہ وڃي سگهيا، پاڻ فوراً ان ذميدار

جي ذريعي رقم ڏيڻ واري کي پيغام موڪليو ته هي 25 لک روپيا ساداتِ ڪرام ۾ ورهايا وڃن ۽ پوءِ اها سڄي رقم ساداتِ ڪرام جي خدمت ۾ نذر ڪئي وئي.

## 12 ساداتِ ڪرام جي خاندانن جي خدمت جو اعلان

اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي ملڪ ۾ 2024/2023 ۾ ٽيندڙ هوش ربا مهانگائي جي ڏينهن ۾ ربيع الاوّل شريف 1445 هجري ۾ اعلان فرمايو ته صاحبِ ثَرْوَت (يعني مالدار) گهٽ ۾ گهٽ 12 ساداتِ ڪرام جي خاندانن (Families) جي خدمت ۾ ٿي سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ 12 مهينن تائين 12،12 هزار روپيا نذر ڪن يا گهر جو راشن وغيره پيش ڪن. عاشقِ صحابه ۽ اهلِ بيت اميرِ اهلِ سنت جي اعلان سان هٿون هٿ ڪيترن ئي عاشقانِ صحابه ۽ اهلِ بيت جون چڱيون ڀليون نيتون مدني چينل جي ڪال سينٽر کي موصول ٿيون ۽ اهي LIVE مدني مذاڪري ۾ ٻڌايون ويون. اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ساداتِ ڪرام جي خدمت جي حوالي سان پنهنجي رسالي فيضانِ اهلِ بيت ۾ ڪجهه هن طرح لکن ٿا:

## التجاءِ عطّار

اي مالدارؤ! دڪاندارؤ! ڊاڪٽر صاحبؤ! پنهنجي پنهنجي طاقت آهر آلِ رسول (يعني ساداتِ ڪرام) جي خدمت ڪريو ۽ انهن جي ناناجان رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دل کي راحت ڏيو ۽ باغِ جنت ۾ گهر ماڻڻ جا اسباب پيدا ڪريو. زهي نصيب! هر دڪاندار هي ذهن بنائي ته آئون ساداتِ ڪرام کي سودو مفت (Free) يا گهٽ

۾ گهٽ No profit no loss يعني خريد ڪيل قيمت تي ڏيندس. يقيناً هن طرح بہ انهن جي وڏي همدردي ۽ خيرخواهي ٿيندي.

ڪاش! هر ڊاڪٽر هي ذهن بنائي تہ آئون سيدن جو ”چيڪ اپ“ فري ڪندس، بلڪ ٿي سگهيو تہ دوائون بہ فري پيش ڪري آلِ رسول جي دل خوش ڪندس. رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ پاڙي ۾ رهندڙ ساداتِ ڪرام جي گهر ۾ سحري ۽ افطاري، قرباني جي ڏينهن ۾ گهر ۾ تيار ڪيل لذيذ کاڌن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ انهن جي گهر وڃي ادب ۽ احترام سان انهن کي پيش ڪيو. ڪيڏي نہ ناداني آهي تہ جن جي ناناسائين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اسان صدقو کائي رهيا آهيون، انهن جا ڏوهٽا اسان جي آسائشن سان ڀرپور زندگي مان ڪجهہ بہ فائدو نہ وٺي سگهن. اچ پنهنجو مال، پنهنجي دولت ۽ پنهنجون پسنديده شيون ساداتِ ڪرام جي قدمن تي نثار ڪريو، پوءِ ڏسو سندن ناناسائين رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀاڻي قيامت جي ڏينهن ڪيئن مالا مال ڪن ٿا، خدا جو قسم! اهو وقت جڏهن نہ مال ڪم ايندو ۽ نہ عهدو ۽ منصب عذابن کان بچائي سگهندو، ان وقت بي چين دلين جي چين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت ڪم ايندي. جيڪڏهن دنيا ۾ انهن جي آل سان سٺو سلوڪ ڪيو هوندو، ڪنهن بيمار سيد زادي جو مفت علاج ڪيو هوندو تہ ڇا عجب هي ئي شهزادو پنهنجي ناناسائين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ عرض ڪري اسان جي لاءِ شفاعت جو وسيلو بڻجي وڃي. ۽ ها! صرف رضائي الٰهي جي نيت سان خدمت ڪريو، باقي انهن جو ڪرم بيحد و بي انتها آهي. پڻ هرگز هرگز پنهنجي دل ۾ هي وسوسو نہ اچڻ

ڏيو تہ خبر ناهي هي سيد آهي يا نہ؟ اسان کي هن ڳالهہ جي بلڪل اجازت نہ آهي تہ اسين نسب جي تحقيق ۾ پئون، بس اسان لاءِ انهن جو بطورِ سيد مشهور هجڻ ئي ڪافي آهي.

## پيغامن جي رڪارڊنگ ۾ سيدن سڳورن کان ابتدا

اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ حصولِ ثواب، ڏُکاري اُمت جي غمخواري ۽ خيرخواهي جي چڱي چڱي نيتن سان روزانو بيشمار عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت جي واٽس ايپ ذريعي عيادت ۽ تعزيت ڪندا آهن. ڪيئي پيرا سڄي رات ۾ مختلف ديني مصروفيتن ۽ ٿڪاوٽ جي باوجود پاڻ نيڪي جي دعوت جي هن عظيم ڪم جو درد دل ۾ رکي ان ۾ ڪڏهن بہ موڪل ناهن ڪندا.

هن مهل تائين (14 جون 2024) روزانو اوسطاً هڪ سو پيغام رڪارڊ ڪن ٿا. پاڻ فرمائن ٿا: مون وٽ دعائن لاءِ ڪيترائي نالا اچن ٿا، پر منهنجي ڪوشش هوندي آهي تہ ساداتِ ڪرام جي نالي سان پنهنجي هن نيڪ ڪم جي ابتداءُ ڪريان ۽ پوءِ جيڪڏهن ڪنهن سيد صاحب جو نالو مليو تہ انهن جي نالي سان پيغام جو آغاز ڪندو آهيان. (مدني مذاڪرو، 26 آڪٽوبر 2023، قسط نمبر: 2275)

## 34 سال اڳ جي وصيت

محرم شريف 1411 هجري مطابق 1990ء ۾ عين سبز گنبذ شريف جي سامهون ويهي اميرِ اهلِ سنت پنهنجو وصيت نامو ترتيب ڏنو،

جنهن کي ”مدني وصيت نامو“ جي نالي سان مکتبة المدينہ پرنٽ ڪيو آهي.[4] هن ۾ پاڻ پنهنجون مختلف وصيتون تحرير ڪيون آهن.

## آخري وقت ۾ بہ ساداتِ ڪرام کان برڪتون وٺڻ جو ذهن

مدني وصيت نامي جي صفحي نمبر 4 تي وصيت نمبر 9 ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ڪفن جيڪڏهن آبِ زمزم يا آبِ مدينہ بلڪ ٻنهي سان تَر ڪيل هجي تہ سعادت آهي. ڪاش! ڪو سيد صاحب مٿي تي عمامو شريف سجائي.

وصيت نمبر 18 ۾ ارشاد فرمائن ٿا: جنازو ڪو صحيح العقيده سني عالمِ باعمل يا ڪو سنتن جو پابند اسلامي ڀاءُ يا اهل هجن تہ اولاد مان ڪو پڙهي. منهنجي خواهش آهي تہ ساداتِ ڪرام کي فوقيت ڏني وڃي.

وصيت نمبر 19 ۾ ارشاد فرمائن ٿا: زهي نصيب! ساداتِ ڪرام پنهنجي رحمت ڀرين هٿن سان قبر ۾ لاهي ارحم الراحمين جي سپرد ڪري ڇڏين. (مدني وصيت نامو، ص 4 کان 5 بغير تبديلي)

## نئين آستاني جو افتتاح

محرم شريف 1445 هجري ۾ اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي پهرين گهر کان ٻئي مڪان ۾ شفٽ ٿيا، نئين مڪان ۾ شفٽنگ جو

[4] هن رسالي کي پڙهڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ کي www.dawateislami.net وزٽ ڪيو يا ان جو QR ڪوڊ اسڪين ڪيو ۽ چڱين چڱين نيتن سان ٻين تائين شيئر ڪيو

معاملو بہ وڏو پرذوق هو. ڪجھ ساداتِ ڪرام ڪي گھر اچڻ جي دعوت ڏني وئي ۽ پوءِ پنهنجي ہنهي هٿن ۾ ساداتِ ڪرام جا هٿ وٺي قصيده بُرده شريف پڙهندي نئين مڪان ۾ داخل ٿيا. گھر ۾ داخل ٿي روئيندي ڪجھ هن ريت فرمايائون: نئين گھر ۾ ساداتِ ڪرام سان گڏ شفتنگ ان لاءِ ڪئي تہ قبر ۾ بہ ساداتِ ڪرام پنهنجي هٿن سان ”اَرۡحَمُ الرّٰحِمِيۡن“ جي حوالي ڪن.

## دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ يادِ اهل بيت

دعوتِ اسلامي جا بہ اهم ترين ديني ڪم آهن:

1. هن پرفتن دور ۾ نيڪي جي رستي تي هلڻ ۽ پنهنجو محاسبو ڪرڻ لاءِ "72 نيڪ عملن تي عمل ڪرڻ"[5]
2. هر مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ.

ٿورو غور ڪندؤ تہ توهان انهن ٻن اهم ترين ديني ڪمن ۾ بہ يادِ اهلِ بيت مضمر (يعني لڪيل) ماڻيندؤ. بلڪ هڪ ۾ تہ بلڪل ظاهر آهي تہ اسلامي ڀائرن جي نيڪ عملن جي رسالي جو نالو ئي رفقاءِ ڪربلا جي نسبت سان 72 نيڪ عمل آهي. جڏهن تہ ٻئي اهم ترين ديني ڪم هر مهيني ٽي ڏينهن جي مدني قافلي جو معيار 72

---

5 ”72 نيڪ اعمال“ جي رسالي کي روزانو وقت مقرر ڪري جائزو وٺو ۽ هر مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي علائقي جي ذميوار کي هي رسالو جمع ڪرائي ڇڏيو. اسلامي ڀينرن، شاگردن، ٻارن ۽ خاص ضرورت وارن لاءِ الڳ الڳ نيڪ اعمال جا رسالا ترتيب ڏنا ويا آهن. انهن جو مطالعو ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تي وڃو ۽ سنن ارادن سان ٻين کي بہ شيئر ڪريو

ڪلاڪ رڪيو ويو آهي. جڏهن باني دعوتِ اسلامي اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي هر مبلغ، معلم، مريد ۽ فالور کي اهلِ بيتِ اطهار عليهم الرضوان جي يادن، انهن جي تصورات ۾ رهڻ جو درس ڏئي رهيا آهن.

## شانِ اهلِ بيت ۾ بياناتِ اميرِ اهلِ سنّت

دنياءِ اسلام جي سو فيصد اسلامي چينل "مدني چينل" تي ڪيترائي پروگرامز شانِ اهلِ بيتِ اطهار (عليهم الرضوان) جي باري ۾ ٿيا آهن. مدني چينل جي 2008 ۾ آغاز ٿيڻ کان پهريان جڏهن آڊيو بيانات جو سلسلو ٿيندو هو ان وقت اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ٿن ٿن ڪلاڪن تائين اهلِ بيتِ اطهار جي شان و عظمت بيهي بيان ڪندا هئا. انهن مان ڪجهه بيانن جا نالا هي آهن: شانِ اهلِ بيت، شهادت جو بيان، ڪربلا جو خوني منظر، ڪربلا جو تاراج قافلو وغيره.

پاڻ ڪيترائي دفعا پنهنجي بيانن ۽ تحريرن ۾ جنهن مفسرِ قرآن جي تفسير کي بيان ڪيو آهي اهو به هڪ "سيد بزرگ" آهي، ان جو نالو حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مرادآبادي رحمہ اللّٰہ عليہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سيد زادي کي ڏسي امامِ اهلِ سنّت رحمہ اللّٰہ عليہ جو هي شعر جهومي جهومي ڪري پڙهڻ لڳندا آهن.

تیری نسلِ پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا
تُو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانا نور کا

(حدائقِ بخشش،ص248)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اهلِ بيت اَطهار جي شان تي اميرِ اهلِ سُنَّت جا 6 ڪتاب

اَلحَمدُلله! امير اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ اڄ تائين (ذي الحج شريف 1445 هجري) تقريباً 244 صفحن تي اهلِ بيت اطهار جي شان ۽ عظمت بابت مختلف موضوعن سان ڪتاب ۽ رسالا تحرير ڪيا آهن. جن جا نالا هي آهن:

1. اهلِ بيت اطهار جي شان ۽ عظمت تي 40 حديثون "فيضَانِ اهلِ بيت" (37 صفحا)
2. مسلمانن جي چوٿين خليفي مولاءِ ڪائنات حضرت علي المرتضيٰ رضي اللّٰهُ عنه جي شان ۽ ڪرامتن تي مشتمل رسالو "ڪراماتِ شيرِ خدا" (98 صفحا)
3. نواسہ رسول حضرتِ امام حسن مجتبيٰ جي سيرت تي مشتمل رسالو "امام حسن رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جون 30 حڪايتون" (28 صفحا)
4. نواسه رسول، جگرگوشه بتول، امامِ عالي مقام، امامِ عرش مقام، حضرتِ امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي بي مثال جانثاري ۽ بهادري پڻ ڪربلا شريف جي مختلف واقعن تي مشتمل ٽي رسالا:
   1. امامِ حسين جون ڪرامتون (41 صفحا)
   2. حسيني گهوٽ (16 صفحا)
   3. ڪربلا جو خوني منظر (24 صفحا)

ان کان علاوه ڪيترين ئي ٻين ڪتابن ۾ ضمني طور تي ڪيترائي



واقعا، ڪرامتون ۽ اهلِ بيت اطهار بابت روايتون موجود آهن.[6] هي سيئي رسالا مڪتبة المدينہ تان هديي طور خريد ڪري سگهجن ٿا.

## اهل بيت جي شان ۾ امير اهل سنت جا 154 اشعار

الحمد للهٰ! امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اڄ تائين (8 ذي الحج شريف 1445 هجري) مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرتِ موليٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، شهزاديِ ڪونين حضرتِ بي بي فاطمة الزَّهرا رَضِيَ اللهُ عَنْها، حسنينِ ڪريميَن حضرتِ امام حسن ۽ حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُما ۽ اهلِ بيت جي شان ۾ 8 مناقب لکيا آهن. جن ڪي وسائلِ بخشش ۽ وسائلِ فردوس ۾ پڙهي ۽ ڏسي سگهجي ٿو.

17 شعرن تي مشتمل منقبتِ اهلِ بيت "چو نہ هجي وڏو مرتبو اصحاب ۽ اهلِ بيت جو"، 23 شعرن تي مشتمل منقبتِ موليٰ علي "يا علي المرتضيٰ موليٰ علي مشڪل ڪُشا"، 17 شعرن تي مشتمل منقبتِ شهزاديِ ڪونين حضرتِ بي بي فاطمة الزَّهرا رَضِيَ اللهُ عَنْها

6 هنن رسالن ڪي پڙهڻ جي لاءِ هي QR CODE اسڪين ڪيو:





"اوهان تي الله جي رحمت هجي حضرتِ فاطمہ"،[7] نواسه رسول حضرتِ امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جي ولادت (جنم ڏينهن) 15 رمضان المبارڪ جي مناسبت سان 15 شعرن تي مشتمل منقبتِ امام حسن " یاحَسَن ابنِ علی کرم دو کرم " امامِ عالي مقام، امام عرش مقام، امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ سان بي پناه محبت ۽ الفت جي ڪري سندن شان ۾ عظمت تي چار ڪلام، ٽي منقبت ۽ هڪ سلام تحرير ڪيو آهي.

33 شعرن تي مشتمل منقبت "یاشهیدِ کربلا فریاد ہے"، 19 شعرن تي مشتمل منقبت "پھر بُلا کربلا، یاشہِ کربلا"، 12 شعرن تي مشتمل منقبت "تقدیرسے ملی ہے مَحبّت حُسین کی" ۽ 18 شعرن تي مشتمل سلام "کربلا کے جاں نثاروں کوسلام" تحرير ڪيو آهي.

## اهل بيت اطهار جي شان ۾ امير اهل سنت جا 88 نعرا

الحمدلله! امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تاحال (8 ذوالحج شريف 1445 هجري) مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ، شهزادي ڪونين حضرت بيبي فاطمہ الزهرا رَضِیَ اللہُ عَنۡهَا، حسنين ڪريمين حضرت امام حسن و حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡهُمَا ۽ اهل بيت جي شان ۾ 88 نعرا لکيا آهن. مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جي شان ۾ 18 نعرا "**عاشقِ مصطفيٰ، مُرتضيٰ مُرتضيٰ**"، حضرت بيبي فاطمہ الزهرا رَضِیَ اللہُ عَنۡهَا جي شان ۾ 15 نعرا "**دخترِ مصطفيٰ، سيّده فاطمہ**"، امام حسن رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جي

[7] حضرت بي بي فاطمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡهَا ۽ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جي هي منقبت ''تقدير سان ملي آهي. محبت حسين جي'' اجان پرنٽ نہ ٿي آهي، البتّہ دعوتِ اسلامي جي هن يوٽيوب چينل تان انهن کي ڏسي ۽ ٻڌي سگهجي ٿو.

شان ۾ 16 نعرا "صاحب الاتقاء، آهن حسن مُجتبيٰ"، حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي شان ۾ 22 نعرا "**نواسهِ مصطفيٰ، ياشهيدِ كربلا**"، ۽ امام جعفر صادق رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي شان ۾ 17 نعرا " كرم سے ہم پر ،اما م جعفر" تحرير فرمايا آهن.

## "فيضانِ علي" مسجدن جي تعمير

21 رمضان المبارڪ 1439 هجري (6 سال پهرين) يومِ شهادتِ مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي موقعي تي مسلمانن جي چوٿين خليفي، اميرالمؤمنين حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي ياد ۾ سڄي دنيا ۾ 2121 مسجدون ٺاهڻ جي ترغيب ڏياري.

(ماہنامہ فيضانِ مدينه، ذوالقعده شريف 1439 مطابق آگسٽ 2018، ص53)

دعوتِ اسلامي جي شعبہ "خدام المساجد والمدارس" جي ذميوار کان ورتل معلومات موجب الحمدللّٰه! هن وقت تائين 121 مسجدون هنن مبارڪ نالن "فيضانِ علي"، فيضانِ حيدر، فيضانِ مشڪل ڪشاء، فيضانِ حسن، فيضانِ حسين، فيضانِ فاطمہ، فيضانِ علي اڪبر، فيضانِ علي اصغر" سان ٺهي چڪيون آهن.

## بارگاهِ رسالت ۾ حاضري جو انداز

امير اهل سنت جڏهن 16 سال بعد 2018 ۾ حج تي ويا ۽ جڏهن بارگاهِ رسالت ۾ حاضري جو پرڪيف وقت آيو تہ پاڻ عشقِ مدينہ ۾ ٻڏي ڪري ساداتِ ڪرام سان پنهنجي الفت ۽ محبت ڀريل جذبات جو ڪجهہ هن طرح اظهار ڪيو: بارگاهِ رسالت ۾ حاضري لاءِ روانگي جو وقت آهي، ڪاش! ڪو اهڙو سيدزادو تيار ٿي وڃي

جيڪو منهنجي ڳچي ۾ رسو وجهي ڇڪي وٺي وڃي تہ آقا پڳل مجرم کي پڪڙي آيو آهيان، توهان ان جي شفاعت فرمائي ڇڏيو ۽ ان کي معاف فرمائي ڇڏيو ۽ جنت الفردوس ۾ پنهنجي پاڙي ۾ ان کي جڳهہ عنايت فرمائي ڇڏيو.

## هر سال هڪ قرباني

اعلي حضرت، امام اهل سنت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: فقير (يعني اعلي حضرت) جو معمول آهي تہ هر سال هڪ قرباني حضورِ اقدس سيد المرسلين صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي طرفان ڪندو آهيان ۽ ان جي ڪل سيني حضرات ساداتِ ڪرام جي نظر ڪندو آهي.

(فتاويٰ رضويه، 20/ 456)

## اميرِاهل سنت جي اهلِ بيتِ اطهار سان محبت جي مختلف انداز

اميرِ اهل سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ جي ترغيب تي سندن طرف کان هر سال قرباني جي ڏينهن ۾ ڪجهہ ساداتِ ڪرام کي قرباني لاءِ نہ صرف جانور تحفتًا پيش ڪيو ويندو آهي پر جانور کي چارو ڪارائڻ، ذبح ڪرڻ وغيره جو خرچ بہ نظر ڪيو ويندو آهي. چند سالن کان جاري هن نيڪ عمل ۾ هاڻي تائين بيشمار جانور جن جي رقم لکين روپيہ بنجي ٿي، ساداتِ ڪرام جي خدمت ۾ پيش ڪيا ويا آهن. وَلِلّٰہِ الۡحَمۡد

## عطاري جي خمير ۾ غداري ناهي

اميرِ اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا: الحمدلله! مان جڏهن کان هوش سنڀاليو آهي، پنهنجي دل ۾ پياري محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جا چشما ڦُٽندي محسوس ڪيا آهن. مون ڪي منهنجي غوثِ پاڪ شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عشقِ رسول جو جام پياريو، منهنجي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پياريو. الحمدلله! مون تي هي خصوصي فيضان آهي ته مون کي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان، انبياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان، تمام صحابه ڪرام سان، تمام اهلِ بيتِ اطهار خصوصاً شهداءِ ڪربلا رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم سان گهڻو پيار آهي. الله پاڪ جي رحمت سان ساداتِ ڪرام جو احترام مان پنهنجي نس نس ۾ لهان ٿو ۽ مان اميد ٿو ڪريان ته اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! جيڪو منهنجي ذريعي غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مريد ٿيندو، عطاري بڻبو، اِنۡ شَآءَ الله اهو ڪڏهن به، ڪڏهن به، ڪڏهن به پياري پياري آقا محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، تمام انبياءِ ڪرام عليهم السلام، تمام اهلِ بيتِ اطهار بَشمول مولا مشڪل ڪشاء علي المرتضيٰ، شيرِ خدا، حسنين ڪريمين، تمام صحابه ڪرام بَشمول حضرتِ امير معاويه رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم، انهن پاڪ هستين سان غداري نٿو ڪري سگهي پر جيڪو ڪنهن بئي جامع شرائط شيخ جو مريد هوندو ۽ منهنجي سلسلي ۾ طالب هوندو ان شاء الله اهو به انهن پاڪ هستين جو ڪڏهن به باغي نه بڻبو.

(ماہنامه فيضانِ مدينه ذوالقعده الحرام 1439)

## ساداتِ ڪرام لاءِ خاص پيغام

ڪنهن موقعي تي ڪجھ سادات ڪرام جي طرفان ڪجھ پريشانين جي خبر پئي تہ پاڻ ڪجھ هن طرح انهن کي جواب ڏئي ڪري دلداري فرمائي:

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ عَلٰى رَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْكَرِيْم

سگِ مدينہ محمد الياس عطّار قادري رضوي عُفِیَ عنہ جي طرفان ساداتِ ڪرام جي خدمت ۾: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ

الله ڪريم توهان صاحبان جو اقبال بلند ڪري، پريشانيون بہ دور ڪري، ڪربلا وارن جي صدقي ۾ صبر بہ عطا ڪري. توهان واقعي اهڙي آزمائش ۽ امتحان ۾ مبتلا آهيو جو اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيْظ.

الله ڪريم توهان سيني تي رحم فرمائي ۽ توهان سيني کي ڪربلا وارن جي صبر جو حصو عطا فرمائي. آمين.

همت رکو! صبر ڪيو! الله ڪريم توهان جي روزي روزگار ۾ بہ برڪتون ڏئي، آفتن مصيبتن کان محفوظ فرمائي. انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کي بہ پريشانيون آيون، سندن نانا جان رحمتِ عالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي بہ سخت امتحان آيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صبر ڪيو. ڪربلا وارن تي ڪيترائي سخت امتحان آيا، انهن صبر ڪيو. توهان بہ صبر ڪيو. الله ڪريم توهان کي صبر ۽ همت ڏئي، توهان سيني کي بي حساب بخشي ۽ توهان سيني جي صدقي ۾ مون گنهگار کي بہ بي حساب مغفرت سان مشرف فرمائي. توهان جي نانا جان

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو توهان سيني کي بہ ۽ توهان سيني جي صدقي مون کي بہ نصيب ڪري.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مرڪزي مجلسِ شوريٰ ۾ ساداتِ ڪرام

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ (Central Executive Body) ۾ ساداتِ ڪرام جو فيضان بہ شامل آهي. جيئن تہ جون 2024 تائين مرڪزي مجلسِ شوريٰ ۾ ٽي اراڪين شوريٰ "ساداتِ ڪرام" مان آهن. ﴿1﴾ الحاج سيد محمد لقمان شاهہ عطاري (ڪراچي). ﴿2﴾ الحاج سيد محمد ابراهيم شاهہ عطاري (ڪراچي). ﴿3﴾ الحاج سيد محمد عارف علي شاهہ عطاري (مهاراشٽر، هند)

## محبتِ اهلِ بيت جي هڪ منفرد مثال

اميرِ اهلِ سنت جو خاص معاون جيڪو تقريباً هر وقت پاڻ سان گڏ رهندو آهي ، انهن جو نالو مسلمانن جي چوٿين خليفہ حضرتِ علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مبارڪ نالي جي نسبت سان "علي" آهي. جڏهن تہ سندن پٽ بہ اميرِ اهلِ سنت سان گڏ رهندو آهي، انهن جو نالو "حسن رضا" آهي. پاڻ فرمائن ٿا: **"حسن نالي تي منهنجي جان قربان"**. پاڻ نواسہ رسول، جگر گوشہ بتول آهن. ٻار ٻار هوندو آهي ڪڏهن شرارت ڪندو آهي تہ ڪڏهن نہ ڪرڻ وارو ڪم بہ ڪندو آهي، تنهن ڪري مان هن ٻار جي نالي سان ڪنهن اهڙي ڪم جو ذڪر ڪرڻ پسند نٿو ڪريان. ان ادب جي سبب مان عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ ان کي "منو" جي نالي سان سڏيندو آهيان. (مدني مذاڪره، 9 جون 2024)

ان انداز ۾ اسان لاءِ بہ سبق آهي تہ جڏهن ڪنهن شخص جي نالي ڪي عظمت واري هستي سان نسبت ٿي وڃي تہ پوءِ ان نالي جو ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي.

مَحْفُوظ سدا رکھنا شَہا بے ادبوں سے — اور مجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی کوئی بے ادبی ہو

## عشق ۽ محبت ڀري ڳالھ

اي عاشقانِ صحابہ و اهلِ بيت! "مَنْ عَامَلَنَا رَبِحَ" ترجمو: **جيڪو اسان (يعني آلِ رسول) سان معاملو ڪندو آهي فائدو ماڻيندو آهي"** جي مصداق، جيڪو ساداتِ ڪرام سان حسنِ سلوڪ ۽ ادب ۽ تعظيم جو معاملو ڪندو آهي اهو دنيا ۽ آخرت ۾ فائدو وٺندو آهي. جنهن تنظيم جي پهرين مدني مرڪز جو افتتاح آلِ رسول جي مبارڪ هٿن سان ٿئي، جنهن تنظيم جي باني جي سيدزادن سان بي پناهہ محبت جي مختلف اندازن جو بيان ٿيو ۽ جنهن تنظيم جون ڪيترين ئي اهم ذميواريون ساداتِ ڪرام جي حوالي هجن، ملڪ ۽ بيرون ملڪ ۾ ڪيترائي سيد شهزادا مختلف مجالس ۽ شعبن جي سرپرستي ڪري رهيا آهن.

ٿورو نہ پر پورو غور ڪيو! پوءِ عاشقانِ صحابہ و اهلِ بيت جي ان ديني تنظيم دعوتِ اسلامي کي انهن ساداتِ ڪرام جي دعائن سان ڇو ترقي نہ ملندي؟ ڇو نہ ان تنظيم کي مديني جا پر لڳندا ۽ ڇو نہ هي سيدن جي نانا جان رحمتِ عالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جو

دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ پيغام عام ڪندي نظر ايندي. عاشقِ صحابہ و اهلِ بيت اميرِ اهلِ سنت پنهنجي نعتيہ ڪتاب "وسائلِ فردوس" ۾ لکن ٿا:

يا الٰہی! شکریہ عطّار کو تو نے کیا　　شعر گو، مِدحَت سَرا اَصحاب و اہلِ بیت کا

(وسائلِ فردوس،ص36)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو بهترين نسخو

حضرت شيخ ابو المَواهِب شاذلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: جيڪو شخص حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪرڻ چاهي ٿو اُن کي گهرجي تہ ڏينهن هجي يا رات سندن ڪثرت سان ذڪر ڪندو رهي ۽ سادات ۽ اولياء ڪرام سان محبت رکي نہ تہ خواب (۾ زيارت) جو دروازو اُن تي بند آهي، ڇوتہ هي حضرات تمام ماڻهن جا سَردار آهن، هي جن سان ناراض ٿيندا آهن الله پاڪ ۽ ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ انهن سان ناراض ٿيندا آهن. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص 127)

عاشق صحابہ و اهل بيت امير اهل سُنت پنهنجي نعتن واري ڪتاب "وسائل بخشش" ۾ لکن ٿا:

حب سادات اي خدا دے واسطه
اهل بيت پاک فرياد دے

(وسائل بخشش، ص 598)

978-969-722-688-7
01082507

فيضانِ مدينہ محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net